سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# گناه ٿي وڃڻ تي فوراً توبه ڪرڻ



18 جون 2026

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ **(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **گناھ ٿي وڃڻ تي فوراً توبہ ڪرڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **سڙي پوڻ تي پڙهڻ جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم!

# گناھ ٿي وڃڻ تي فوراً توبہ ڪرڻ

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله پاڪ جي رضا خاطر هڪٻئي سان محبت ڪندڙ جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ مصافحو ڪندا آهن (يعني هٿ ملائيندا آهن) ۽ رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ اقدس تي درودِ پاڪ موڪليندا آهن، تہ انهن جي هڪٻئي کان ڌار ٿيڻ کان اڳ ئي، ٻنهي جا اڳيان پويان گناھ بخشيا ويندا آهن.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ عمل نمبر 28

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه گناهن کان بچائڻ ۽ آخرت جي بهتريءَ لاءِ اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ شاگردن وغيره لاءِ سوالن جي صورت ۾ نيڪ عملن جا مختلف رسالا ترتيب ڏنا آهن. اڄ اسان 72 نيڪ عملن جي رسالي

1... مسند ابی يعلٰی، جلد:3، صفحہ:34، حديث:2960۔

مان نيڪ عمل نمبر 28 جي باري ۾ معلومات حاصل ڪنداسين.
ڇا اڄ اوهان، معاذالله! گناھ ٿي وڃڻ جي صورت ۾ فوراً توبہ ڪئي؟

## توبہ ڇاڪي چئبو آهي؟

گناھ کي الله پاڪ جي نافرماني سمجهي، ان تي نادم ۽ شرمندو ٿيندي فوراً ڇڏي ڏيڻ، پوءِ آئنده ڪڏهن بہ گناھ نہ ڪرڻ جو پختو ارادو ڪرڻ ۽ ان جي تلافي ڪرڻ (يعني جيڪا ڪمي ٿي، سا پوري ڪرڻ)، توبہ آهي.[1]

**وضاحت:** توبہ جون 3 شرطون آهن: (1) گناھ تي ندامت ۽ شرمندگي ٿيڻ: (2) ان گناھ کي ڇڏي ڏيڻ (3) آئنده ان گناھ کي نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ. جيڪڏهن ڪا بہ هڪ شرط نہ لڌي وئي تہ توبهہ صحيح نہ ٿيندي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! گناھ 3 طرح جا آهن: (1) الله پاڪ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ ٿيندڙ اهڙا گناھ جن جي تلافي نٿي ٿي سگهي، جهڙوڪ شراب پيئڻ، ڳانا باجا ڳائڻ، ٻڌڻ وغيره. اهڙي قسم جي گناهن کان ذڪر ڪيل 3 شرطن سان توبہ ڪرڻ لازم آهي. (2) حقوق الله سان واسطو رکندڙ اهڙا گناھ جن جي تلافي ڪرڻ لازم هوندي آهي، اهڙن گناهن کان توبہ ڪرڻ سان گڏوگڏ تلافي ڪرڻ بہ ضروري آهي، نہ تہ توبہ صحيح ناهي. مثال طور: ۞ نمازون يا روزا رهجي ويا هجن تہ قضا ڪرڻ ۞ گذريل سالن جي زڪوات جيڪا اڳ ۾ ادا نہ ڪئي هجي، حساب ڪري ڪيڻ. (3) حقوق العباد سان واسطو رکندڙ گناھ. اهڙن گناهن کان توبہ ڪرڻ ۾ اها ڳالھ بہ لازمي آهي تہ جيڪي حق ضايع ڪيا اٿس انهن جي ادائيگي ڪري، مثال طور: جنهن جو حق ماريو اٿس، ان جو حق ادا ڪري يا معاف ڪرائي. جهڙوڪ ڪنهن جو مال قريو هجي يا وياج، چوري، رشوت وغيره ۾ ورتو هجي تہ جنهن جو اهو مال آهي ان کي واپس ڪري ۞ ڪنهن تي ظلم ڪيو، ٺڦڙ وهائي تہ معاف ڪرائي يا بدلو ڏئي وغيره.[3]

---

1 فتاوی رضويہ، جلد: 21،صفحہ:121،بتغير قليل ۔
2 فتاوی رضويہ، جلد: 21،صفحہ:122،بتغير قليل،الحديقۃ الندیہ ،جلد:1،صفحہ:106
3 فتاوی رضويہ، جلد: 21،صفحہ: 122 ،ملخصًا،منہاج العابدين ،العقبۃ الثانيہ ...الخ ، صفحہ:89-90۔

## آيت ڪريم

الله پاڪ فرمايو:

فَاِنَّهٗ كَانَ لِلْاَوَّابِیْنَ غَفُوْرًا ﴿۲۵﴾ (پارہ:15،بنی اسرائيل :25)

ترجموڪنزالعرفان: تہ بيشڪ اھو توبہ ڪرڻ وارن کي بخشڻ وارو آھي

تابعي بزرگ حضرت سعيد بن مسيب رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائي ٿو: ھن آيت ۾ اوّاب (توبہ ڪندڙ) مان مراد اھو شخص آھي جنھن کان گناھ ٿئي، پوءِ توبہ ڪري، ٻيھر گناھ ٿئي، پوءِ ٻيھر توبہ ڪري.

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

كُلُّ بَنِی آدَمَ خَطَّاءٌ، وَخَيْرُ الْخَطَّائِينَ التَّوَّابُونَ

ترجمو: ھر انسان سان خطا ٿي ويندي آھي ۽ بھترين خطاڪار اھو آھي جيڪو توبہ ڪري وٺي.[1]

## توبہ ڪرڻ متعلق احڪام:

(1) جڏھن بہ گناھ ٿئي، ان گناھ تان فوراً توبہ ڪرڻ واجب آھي.[2] (2) جھڙو گناھ ٿيو ھجي، توبہ بہ اھڙي ئي ڪرڻ ضروري آھي. لڪيل (پوشيده) گناھ جي توبہ لڪي ڪري ۽ ظاھر (علانيہ) گناھ جي توبہ ظاھر ٿيڻ گھرجي. جيڪڏھن مجمع ۾ ماڻھن جي سامھون گناھ ڪيائين تہ توبہ بہ مجمع ۾ ئي ڪرڻي پوندي.[3] (3) توبہ ڪرڻ وقت اڳتي گناھ نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ھجي، جيڪڏھن توبہ ڪندي دل ۾ ٻيھر گناھ ڪرڻ جو ارادو ھجي تہ اھا توبہ ئي نہ ٿي، بلڪ معاذ الله! اسلام جو مذاق آھي.[4] (4) گناھ کان توبہ ڪندڙ کي ان گناھ جو مھڻو يا عيب لڳائڻ (مثال طور جنھن وياج کان توبہ ڪئي ھجي، تنھن کي وياج خور

---

1 ابن ماجہ ،کتاب الزہد ،باب ذکر التوبۃ ،صفحہ:689،حدیث : 4251۔

2 شرح مسلم للنووی، کتاب التوبۃ، باب فی الحض علی التوبۃ ...الخ، الجزء السابع عشر،جلد:6صفحہ:67

3 فتاوی رضویہ،جلد:23،صفحہ:324،بتغیر قلیل۔

4 مرآۃ المناجیح ،جلد:3 ،صفحہ:364-

چوڻ) حرام آهي[1].

## توبہ ڪرڻ جا فائدا

۞ توبہ ڪرڻ واري کي الله پاڪ محبوب رکندو آهي (يعني پنهنجو پيارو بڻائي ٿو) ۞ توبہ ڪرڻ عين عبادت آهي ۞ توبہ ڪرڻ سان ئي ڪاميابي ملندي آهي ۞ توبہ الله پاڪ جي رحمت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي ۞ توبہ گناهن کي مٽائيندي آهي ۽ دل جو زنگ دور ڪندي آهي. **آخري نبي** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جا 2 فرامينِ عاليشان:** (1) توبہ ڪرڻ وارو اهڙو آهي، ڄڻ تہ هن ڪو گناهہ ڪيو ئي ناهي[2]. ٻانهو جڏهن گناهہ ڪندو آهي تہ سندس دل تي هڪ ڪارو نقطو لڳي ويندو آهي، پوءِ جيڪڏهن هو توبہ ڪري وٺي تہ اهو نقطو مٽايو ويندو آهي[3]. ۞ سچي توبہ سان عمر وڌندي آهي ۽ رزق ۾ اضافو ٿيندو آهي ۞ استغفار سان تنگي ۽ غم دور ٿيندا آهن. **حديثِ پاڪ ۾ آهي:** جيڪو ماڻهو هميشہ استغفار ڪندو آهي، الله پاڪ ان جي لاءِ هر تنگي مان نڪرڻ جو رستو بڻائيندو آهي، کيس هر فڪر ۽ غم کان نجات عطا فرمائيندو آهي ۽ کيس اهڙي جاءِ تان رزق ڏيندو آهي جتان سندس وهم ۽ گمان بہ نہ هوندو آهي[4].

## توبہ نہ ڪرڻ ۽ گناهہ پر جميل رهڻ جا نقصان

۞ گناهہ تي جمي ويهڻ شيطاني طريقو آهي. ۞ گناهہ تي بضد رهڻ ظلم آهي. ۞ گناهہ تي اڙڻ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ۞ گناهہ تي قائم رهڻ جي ڪري نيڪين جي توفيق ناهي ملندي ۽ نہ ئي عبادت ۾ لذت نصيب ٿيندي آهي. ۞ گناهہ تي قائم رهڻ يعني توبہ جي توفيق نہ ملڻ بہ عذاب جي هڪ صورت آهي. ۞ گناهہ تي اڙڻ الله پاڪ جي ناراضگي جو سبب آهي.

---

[1] فتاویٰ رضويہ،جلد:23،صفحہ:329،بتغير قليل۔

2 ابن ماجہ ،کتاب الزہد ،باب ذکر التوبۃ ،صفحہ:689،حديث : 4250۔

3 ابن ماجہ ،کتاب الزہد ،باب ذکر الذنوب ،صفحہ:688،حديث :4244۔

4 ابو داود، کتاب الصلاۃ/الوتر، باب فی الاستغفار، صفحہ:247، حديث:1518۔

**تفسير صاوي ۾ آهي:** جيڪو توبہ نٿو ڪري، ڪفر ۽ گناهن تي قائم رهي ٿو، اهو خوف ۽ بيماريءَ ۾ مبتلا رهندو، ڪيس الله پاڪ جي ناراضگيءَ جو بہ سامنو ڪرڻو پوندو توڙي جو مٿس دنيا جون لذتون وسيع ٿي وڃن، اهڙي عيش ۽ دنيا جي لذتن ۾ ڪابہ ڀلائي ناهي، جنهن ڪان پوءِ جهنم هجي.[1]

## گناهن کان توبہ ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ

۞ توبہ جا فضائل ۽ فائدا ذهن ۾ رکو ۞ گناهہ ڪرڻ جي وعيدن ۽ عذابن جو مطالعو ڪريو ۞ موت ڪي ڪثرت سان ياد ڪريو ۞ قيامت جي ڏينهن ٿيندڙ حساب کي ياد ڪريو! غور ڪريو! جيڪڏهن اڄ گناهن کان توبہ نہ ڪئي، قيامت جي هوش اڏائيندڙ منظر ۾ جڏهن سج باهہ وسائي رهيو هوندو، زمين ٽامي جي هوندي، هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي پيل هوندي، اهڙي عالم ۾ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ گناهن جو حساب ڪيئن ڏئي سگهنداسين ۞ مايوسي ڇڏيو ۽ الله پاڪ جي رحمت تي ڀروسو رکو! ڪڏهن ڪڏهن شيطان الله پاڪ جي رحمت مان مايوس ڪري ڇڏيندو آهي، وسوسا وجهندو آهي تہ ايترا گناهہ ڪيا اٿئي يا ايترا مرتبا توبہ ڪري چڪو آهين، هاڻي توبہ قبول نہ ٿيندي، ياد رکو! الله پاڪ جي رحمت مان مايوس ٿيڻ حرام ۽ ڪبيره گناهہ آهي، الله پاڪ جي رحمت تمام وسيع آهي، هو توبہ قبول فرمائيندڙ آهي. **حديث پاڪ ۾ آهي:** توهان جون خطائون (گناهہ) آسمان تي پهچي وڃن، پوءِ توهان توبہ ڪريو تہ الله پاڪ توهان جي توبہ قبول فرمائي وٺندو.[2] ۞ دل ۾ خوف وڌايو! ياد رهي تہ الله پاڪ جي رحمت جي وسعت کي ڏسي بي باڪ ۽ دلير نہ ٿيڻ گهرجي ۽ نہ ئي الله پاڪ جي عذاب جي شدت کي ڏسي سندس رحمت مان مايوس ٿيڻ گهرجي! بلڪ اميد ۽ خوف جي وچ ۾ ئي رهڻ گهرجي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر: 28 مطابق گناہ تي وجھ تيفوراًتوبہ ڪرڻ جي موضوع تي تمام مفيد معلومات حاصل ڪئي! الله پاڪ عمل جي

---

1تفسير صاوی، پاره:11، سورۂ هود، زير آيت :3، الجزء الثالث،جلد:2،صفحہ:126۔
2ابن ماجہ ،كتاب الزهد ،باب ذكر التوبة ،صفحہ:689،حديث : 4248۔

توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# سڪڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

## سڙي پوڻ تي پڙهڻ جي دعا

اَذْهِبِ الْبَاْسَ رَبَّ النَّاسِ ط اِشْفِ اَنْتَ الشَّافِیْ لَا شَافِیَ اِلَّا اَنْتَ

**ترجمو:** اي تمام ماڻهن جا ربّ! تڪليف دُور فرماءِ، شِفا ڏي، تون ئي شفا ڏيڻ وارو آهين، تنهنجي سواءِ ڪو شفا ڏيڻ وارو ناهي.[1]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَۃُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي ورتي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوْرَۃُ الْاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ

1 سنن الکبری للنسائی ،کتاب عمل الیوم واللیلۃ جلد:9،صفحہ:81،حدیث :1144،مدنی پنج سوره،صفحہ:219۔

بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ڀين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟**(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ڪاڏو ڪاڏو؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتّن تي ڪجهه نه ڪجهه عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قبليه سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰةاللّيل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون نمازون پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليه پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ڀين کان گهري ڪري شيون استعمال ته نه ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجهه نه ڪجهه وقت"مدني چينل" ڏنو؟ **(40):** ذاتي دوستي ته نه ڪئي؟ **(41):**وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ ته نه ڳالهايا جن جي تائيد دل نه ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجهه نه ڪجهه جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(49):**اسراف کان بچيؤ؟ **(50):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(51):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(52):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(53):** فضول ڳالهين کان بچيا؟ **(54):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٽهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(55):** عمامو شريف ٻَڌو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاھون ملائڻ جي بغير گفتگو 12 پيرا.

## ھفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي ھفتيوار اجتماع ۾ ڪنھن نہ ڪنھن اسلامي ڀيڻ کي گھر مان موڪليو؟ **(58):** ھفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** ھفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنھن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** ھفتي ۾ ڪنھن بہ ڏينھن روزو رکيو؟ **(63):** ھفتيوار رسالو پڙھيو يا ٻڌو؟ **(64):** علائقائي دورو ڪيو **(65):** ڀھريان اچڻ وارن پر ھاٿي نہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟